SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI، مجريه 1975

SINDH ACT NO.VI OF 1975

اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، مجريه 1975

THE WEST PAKISTAN COTTON CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 26 جي تبديلي
3. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 27 جي ترميم
4. سنڌ آرڊيننس 1975 جي منسوخي

	SINDH ACT NO.VI OF 1975 اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، **1975** **THE WEST PAKISTAN COTTON CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1975** [8 اپريل 1975] اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ترميم لاءِ هڪ ايڪٽ
تمهيد	جيئن ته اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، اهو هيٺين ريت لاڳو ڪيو ويندو:-
مختصر عنوان ۽ شروعات	1. (1) هيٺ ايڪٽ اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو. (2) اهو فوري طور نافذ العمل هوندو.
1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 26 جي تبديلي	2. اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 26 ۾ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:- ڪپهه جون قيمتون طئي ڪرڻ ”26. (1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي، مقرر ڪري سگهي ٿي يا طئي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي، (الف) ڪنهن ڪاٽن مارڪيٽ يا ڄاڻايل علائقي ۾ ڪپهه جي ڪنهن قسم يا ڪپهه جي ڀڄ جي قيمت، يا (ب) ڪنهن علائقي ۾ هڪ فيڪٽري کي ادا ڪيل (ٽاٽڻ جو معاوضو)

جننگ چارجز جيئن مخصوص ڪيل هجي. (2) ذيلي دفعه (1) هيٺ جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جي جيڪو به پڇڪڙي ڪندو ان کي واضح ڪيل قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ سان گڏ جيڪا وڌي پنجويهه هزار ٿي سگهي يا ٻئي گڏ: بشرطيڪ ڏنڊ جي رقم -/5000 رپين کان گهٽ نه هجي، جيڪڏهن فقط ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو هجي.“. 3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 27 کي ذيلي دفعه (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعه (1) کانپوءِ هيٺيان ذيلي دفعه وڌايا ويندا:- “(2) ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جي جيڪو به پڇڪڙي ڪندو ان کي واضح ڪيل قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ سان گڏ جيڪا وڌي پنجويهه هزار ٿي سگهي يا ٻئي گڏ.“. 4. اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1975 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 27 جي ترميم سنڌ آرڊيننس 1975 جي منسوخي

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.